# 126

# سنّتون ۽ آداب

سنڌي






شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، باني دعوتِ اسلامي، حضرت علّامه مولانا ابو بلال

**محمّد الياس عطّار قادِري رَضَوي**

دامت برکاتهم العالية

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي

ڇڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي

پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!

(مستطرف ج ۱ ص۴۰ دار الفکربيروت)

(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)

طالب غم
مدينہ
بقيع
و
مغفرت



رسالي جو نالو: 126 سنّتون ۽ آداب

ڇاپو پهريون:

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي

مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي

ڪتاب خريد ڪندڙ توجهه فرمائن

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

# پيشڪش

**المدينة العلميہ اسلامڪ ريسرچ سينٽر** (دعوت اسلامي)

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)


**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.ne

# فهرست

سنّتون ۽ آداب ........................................ 1

درود شريف جي فضيلت ........................................ 1

”السلام عليڪم“ جي يارهن اکرن جي نسبت سان سلام جون 11 سنّتون ۽ آداب . 2

”هٿ ملائڻ سنّت“ آهي جي چوڏهن اکرن جي نسبت سان هٿ ملائڻ جون 14 سنّتون ۽ آداب ........................................ 4

”هڪ چپ هزار سک“ جي ٻارهن اکرن جي نسبت سان ڳالهه ٻولهه ڪرڻ جون 12 سنّتون ۽ آداب ........................................ 6

”اَلْحمد لِلّٰه ربّ العٰلمين“ جي سترهن اکرن جي نسبت سان نِڇ (ڇِڪَ) جي متعلق 17 سنّتون ۽ آداب ........................................ 8

”ڪاش! جنّتُ الْبقيع ملي“ جي 15 اکرن جي نسبت سان سمهڻ ۽ جاڳڻ جون 15 سنّتون ۽ آداب ........................................ 10

”ياربّ المصطفٰي مڪي مديني جي زيارت نصيب فرماءِ“ جي پنجٽيهن اکرن جي نسبت سن سفر جو 35 سنّتون ۽ آدب ........................................ 12

”مسواڪ سرڪارِ مدينہ جي سنّت آهي“ جي ٻاويهن اکرن جي نسبت سان مسواڪ (ڏندڻ) جون 22 سنّتون ۽ آداب ........................................ 17

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الۡمُرۡسَلِیۡنَ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ؕ

# 126 سنّتون ۽ آداب

## درود شريف جي فضيلت

هڪ نوجوان ڪعبي جو طواف ڪندي صرف دُرود شريف ئي پڙهي رهيو هو ڪنهن ان کي چيو: ڇا توهان کي طواف جي ٻئي ڪا دعا نٿي اچي يا ڳالهه ڪا ٻئي آهي؟ ان چيو: دعائون ته اچن ٿيون پر ڳالهه هيءَ آهي مان ۽ منهنجو والد ٻئي حج جي لاءِ نڪتا هئاسين، والد صاحب رستي ۾ بيمار ٿي وفات ڪري ويو، ان جو چهرو ڪارو ٿي ويو، اکيون ڦري ويون ۽ پيٽ ڦوڪجي ويو! مان ڏاڍو رُنس ۽ چيُم: اِنَّا لِلّٰهِ وَاِنَّآ اِلَيۡهِ رٰجِعُوۡنَ جڏهن رات جي اونداهي پکڙجي وئي ته منهنجي اک لڳي وئي، مان سمهي رهيس ته مون خواب ۾ اڇو لباس پهريل هڪ خوشبودار حسين و جميل هستيءَ جي زيارت ڪئي. انهن منهنجي والدِ مرحوم جي ميّت جي ويجهو تشريف آڻي پنهنجو نوراني هٿ ان جي چهري ۽ پيٽ تي گهمايو، ڏسندي ئي ڏسندي منهنجي مرحوم پيءُ جو چهرو ڪيرَ کان وڌيڪ اڇو ۽ روشن ٿي ويو ۽ پيٽ به اصلي حالت تي اچي ويو. جڏهن اهي بزرگ واپس وڃڻ لڳا ته مون انهن جو پاڪ دامن پڪڙي ورتو ۽ عرض ڪيو: يا سيّدي (يعني اي منهنجا سردار!) توهان کي ان جو قسم جنهن توهان کي هِن جنگل ۾ منهنجي والدِ مرحوم جي لاءِ رحمت بڻائي ڪري موڪليو آهي اوهان ڪير آهيو؟ فرمايائون: تون مون کي نٿو سڃاڻين؟ مان ته مُحَمَّدٌ رَّسُولُ الله (صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ) آهيان، تنهنجو هي پيءُ تمام گهڻو گناهگار هو پر مون تي ڪثرت سان دُرودِ پاڪ پڙهندو هو، جڏهن اُن تي هيءَ مصيبت نازل ٿي ته هن مون سان فرياد ڪئي

لهٰذا اسان فرياد رسي ڪئي آهي ۽ اسان هر ان شخص جي فرياد رسي ڪندا آهيون جيڪو هن دنيا ۾ اسان تي گهڻو دُرود موڪليندو آهي. (روض الرياحين، ص 125)

فريادِ اُمّتي جو کرے حالِ زار میں　　ممکن نہیں کہ خیر بشر کو خبر نہ ہو

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!　　صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## ”السلام عليڪم“ جي پارهن اکرن جي نسبت سان سلام جون 11 سنّتون ۽ آداب

(1) مسلمان سان ملاقات ڪرڻ وقت ان کي سلام ڪرڻ سنّت آهي. (اسلامي ڀينرون اسلامي ڀينرن کي ۽ محارم کي سلام ڪن)(2) ”سلام ڪرڻ وقت دل ۾ هيءَ نيّت هجي ته جنهن کي سلام ڪرڻ لڳو آهيان ان جو مال ۽ عزت ۽ آبرو سڀ ڪجهه منهنجي حفاظت ۾ آهي ۽ مان انهن مان ڪنهن شيءِ ۾ دخل اندازي ڪرڻ حرام سمجهان ٿو“[1] (3) ڏينهن ۾ ڪيترا ڀيرا به ملاقات ٿئي، ڪنهن ڪمري وغيره ۾ هر هر اچڻ وڃڻ ٿئي اتي موجود مسلمانن کي هر ڀيري سلام ڪرڻ ثواب جو ڪم آهي (4) سلام ۾ اڳرائي ڪرڻ سنّت آهي (5) سلام ۾ اڳرائي ڪرڻ وارو الله ڪريم جو مقرّب (يعني ويجهڙائپ ماڻڻ وارو ٻانهو) آهي (6) سلام ۾ اڳرائي ڪرڻ وارو تڪبّر کان به بَري (يعني آزاد) آهي. جيئن ته منهنجي مڪي مدني آقا، پياري پياري مصطفٰي صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ باصفا آهي: پهريان سلام ڪرڻ وارو تڪبّر کان بَري آهي.[2] (7) سلام(۾ اڳرائي) ڪرڻ واري تي 90

---

[1] ... بهار شريعت، 459/3، بالتصرف

[2] ... شعب الايمان،433/6، حديث:8786

رحمتون ۽ جواب ڏيڻ واري تي 10 رحمتون نازل ٿينديون آهن[1]
(8) اَلسَّلامُ عَلَيْكُمْ (يعني توهان تي سلامتي هجي) چوڻ واري کي 10 نيڪيون ملنديون آهن. گڏوگڏ وَرَحْمَةُاللّٰهِ (۽ الله جي رحمت هجي) بہ چونداسين تہ 20 نيڪيون ٿي وينديون. ۽ ”وَبَرَكَاتُہٗ“ (۽ ان جون برڪتون هجن) شامل ڪنداسين تہ 30 نيڪيون ٿي وينديون. ڪجھ ماڻھو سلام سان گڏ ”جَنّتُ المقام ۽ دوزخُ الحرام“ جا لفظ بہ وڌائي ڇڏيندا آهن هي غلط طريقو آهي ۽ هي جملو لُغت جي حساب سان بہ غلط آهي. بلڪ ڪجھ بيباڪ تہ مَعاذَاللّٰه مذاق طور ايستائين چوندا آهن: ”توهان جا بارَ اسان جا غلامَ.“ امام اَحمد رضا خان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه ”فتاوٰي رضويہ“ جلد 22 صفحو 409 تي فرمائن ٿا: گھٽ ۾ گھٽ السّلام عَلَيۡكُمۡ ۽ ان کان بهتر وَرَحۡمَةُاللّٰهِ ملائڻ ۽ سڀ کان بهتر وَبَرَكَاتُهٗ شامل ڪرڻ ۽ ان تي اضافو ناهي. ان (يعني سلام ڪرڻ واري) اَلسَّلامُ عَلَيۡكُمۡ چيو تہ هي (جواب ۾) وَعَلَيۡكُمُ السَّلامُ وَرَحۡمَةُاللّٰه چئي ۽ جيڪڏهن ان اَلسَّلامُ عَلَيۡكُمۡ وَرَحۡمَةُاللّٰه چيو تہ هي وَعَلَيۡكُمُ السَّلامُ وَرَحۡمَةُاللّٰهِ وَبَرَكَاتُهٗ چئي ۽ جيڪڏهن ان وَبَرَكَاتُهٗ تائين چيو تہ هي بہ ايترو ئي چئي جو ان کان وڌيڪ اضافو ناهي. وَاللّٰهُ تَعَالٰى اَعۡلَمُ (9) اهڙيءَ طرح جواب ۾ وَعَلَيۡكُمُ السَّلامُ وَرَحۡمَةُاللّٰهِ وَبَرَكَاتُهٗ چئي ڪري 30 نيڪيون حاصل ڪري سگھجن ٿيون (10) سلام جو جواب فوراً ۽ ايتري آواز ۾ ڏيڻ واجب آهي جو سلام ڪرڻ وارو ٻڌي وٺي (11) سلام ۽ سلام جي جواب جو دُرست تَلفّظ ياد ڪري وٺو. پھريان مان چوان ٿو توهان ٻڌي ڪري پويان پڙهو: اَلسَّلامُ عَلَيۡكُمۡ (اَسّ. سَلا.مُ. عَلَيۡ. ڪُم) هاڻي پھريان مان

[1] ... ڪيميائے سعادت، 394/1

جواب ڏيڻ واري تي واجب آهي ته هو ايتري آواز سان جواب ڏي جو سلام ڪندڙ ٻڌي سگهي ۽ جواب ڏيڻ ۾ ”وعليڪم السلام“ چوي...

جواب ڏيارن تو پوءِ توهان هن کي دهرايو: وَعَلَيْكُمُ السَّلام (وَ. عَ. لَيْ. ڪُ. مُسّ. سَلام).

رضائے حق کیلئے تم سلام عام کرو     سلامتی کے طلب گار ہو سلام کرو

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب!     صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ”هٿ ملائڻ سنت“ آهي جي چوڏهن اکرن جي نسبت سان هٿ ملائڻ جون 14 سنتون ۽ آداب

(1) ٻن مسلمانن جو ملاقات جي وقت ٻنهي هٿن سان مصافحو ڪرڻ يعني ٻئي هٿ ملائڻ سنّت آهي (2) هٿ ملائڻ کان پهريان سلام ڪريو (3) رخصت ٿيڻ وقت به سلام ڪريو ۽ (گڏوگڏ) هٿ به ملائي سگهو ٿا (4) رحمتِ عالَم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”جڏهن به مسلمان ملاقات ڪرڻ وقت مصافحو ڪندا آهن ۽ هڪٻئي کان خيريت معلوم ڪندا آهن ته الله پاڪ انهن جي درميان سئو رحمتون نازل فرمائيندو آهي جنهن مان نوانوي رحمتون گهڻي شان و شوڪت سان ملڻ واري ۽ چڱي طريقي سان پنهنجي ڀاءُ جي خيريت پڇڻ واري جي لاءِ هونديون آهن.“[1] (5) هٿ ملائڻ جي دوران دُرود شريف پڙهو هٿ جدا ٿيڻ کان پهريان اِن شاءالله الڪريم اڳيان پويان گناهه بخشيا ويندا (6) هٿ ملائڻ وقت دُرود شريف پڙهي ٿئي سگهي ته هي دعا به پڙهي وٺو: ”يَغْفِرُ اللهُ لَنَا وَلَكُمْ“ (يعني الله پاڪ اسان جي ۽ توهان جي مغفرت فرمائي) (7) ٻه مسلمان هٿ ملائڻ جي دوران جيڪا دعا گهرندا اِنْ شاء اللّٰهُ الڪريم قبول ٿيندي ۽ هٿ

[1] ... معجم اوسط،5/380، حديث:7672

ملائڻ کان پهريان پهريان بنهي جي مغفرت ٿي ويندي ان شاء اللّٰهُ الڪريم (8) پاڻ ۾ هٿ ملائڻ سان دشمني ختم ٿيندي آهي (9) مسلمان کي سلام ڪرڻ، هٿ ملائڻ بلڪ محبت سان ان جو ديدار ڪرڻ سان به ثواب ملندو آهي. حديث پاڪ ۾ آهي: جيڪو پنهنجي مسلمان ڀاءُ جي طرف مَحبت ڀري نظر سان ڏسي ۽ ان جي دل ۾ عَداوت نه هجي ته نگاهه هٽڻ کان پهريان بنهي جا پويان گناهه بخشيا ويندا[1] (10) جيترا ڀيرا ملاقات ٿئي هر ڀيري هٿ ملائي سگهو ٿا (11) اڄڪلهه ڪجهه ماڻهو بنهي طرفان هڪ هٿ ملائيندا بلڪ صرف آڱريون ئي پاڻ ۾ ٽڪرائيندا آهن هي سڀ خلافِ سنّت آهي (12) هٿ ملائڻ کان بعد پنهنجو ئي هٿ چمڻ مڪروهه آهي.[2] ها جيڪڏهن ڪنهن بزرگ سان ملائڻ کان بعد حصولِ برڪت جي لاءِ پنهنجو هٿ چمي ورتو ته ڪراهيت ناهي، جيئن ته اعلٰي حضرت رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: جيڪڏهن ڪنهن سان مصافحو ڪيائين پوءِ برڪت جي لاءِ پنهنجو هٿ چميائين ته مُمَانعَت جي ڪا وجهه ناهي جڏهن ته جنهن سان هٿ ملائي اهو انهن هستين مان هجي جنهن سان برڪت حاصل ڪئي ويندي هجي.[3] (13) جيڪڏهن اَمرد (يعني خوبصورت ڇوڪري) سان (يا ڪنهن به مرد سان) هٿ ملائڻ سان شهوت ايندي هجي ته ان سان هٿ ملائڻ جائز ناهي بلڪ جيڪڏهن ڏسڻ سان شهوت ايندي هجي ته هاڻي ڏسڻ به گناهه آهي[4] (14) مصافحو

---

[1] ... معجم اوسط،131/6،حديث:8251

[2] ... بهارِ شريعت، 472/3

[3] ... جد ا لممتار، 65/7

[4] ... درمختار،98/2

ڪندي (يعني هٿ ملائڻ) وقت سنّت هي آهي تہ هٿ ۾ رومال وغيره رنڊڪ نہ هجي، ٻئي تريون خالي هجن ۽ ترِيءَ سان تري ملڻ گهرجي.[1]

## ”هٿ چپ هزار سڪ“ جي ٻارهن اکرن جي نسبت سان ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ جون 12 سنّتون ۽ آداب

(1) مسڪرائي ڪري ۽ خوش مزاجي سان ڳالهہ ٻولهہ ڪريو (2) مسلمانن جي دلجوئي جي نيّت سان ننڍن سان شفقت ڀريو ۽ وڏن سان ادب وارو انداز رکو، اِنَّ شاء اللّٰہُ الڪريم ثواب بہ ملندو ۽ ننڍا واڏا توهان جي عزت ڪندا (3) رڙيون ڪري ڳالهائڻ سنّت ناهي (4) چڱي نيّتن سان ننڍن ٻارن سان بہ توهان ۽ جناب جي لفظن سان ڳالهائڻ جي عادت بڻايو، توهان جا اخلاق بہ ان شاء اللّٰہُ الڪريم عمده ٿيندا ۽ ٻار بہ آداب سکندا (5) ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ وقت پردي جي جڳهہ تي هٿ لڳائڻ، آڱرين جي ذريعي جسم جي ميراڻ لاهڻ، ٻين جي سامهون باربار نڪ کي هٿ لڳائڻ يا ڪن ۾ آڱر وجهڻ، ٿڪيندي رهڻ چڱي ڳالهہ ناهي، ان سان ٻين کي نفرت ٿيندي آهي (6) جيستائين ٻيو ڳالهائي رهيو هجي، اطمينان سان ٻڌو. ان جي ڳالهہ ڪٽي ڪري پنهنجي ڳالهہ شروع ڪري ڇڏڻ سنّت ناهي (7) ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ وقت بلڪ ڪهڙيءَ بہ حالت ۾ ٺهڪُ نہ لڳايو جو سرڪار صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن ڪڏهن بہ ٺهڪُ نہ ڏنو (8) سرڪار صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمانِ عاليشان آهي: ”جڏهن توهان ڪنهن ٻانهي کي ڏسو تہ

[1] ... بهارشريعت، 471/3

ان کي دنيا کان بي رغبتي ۽ گهٽ ڳالهائڻ جي نعمت عطا ڪئي وئي آهي تہ ان جي قربت ۽ صحبت اختيار ڪريو ڇوتہ ان کي حڪمت ڏني ويندي آهي“[1] (10) فرمانِ مصطفٰي صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: ”جيڪو چپ رهيو ان نجات ماتي.“[2] ”مرآت شريف“ ۾ آهي: حضرت سيّدنا امام محمد بن محمد بن محمد غزالي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا تہ ڳالهائڻ جا چار قسم آهن: (1) خالِص مُضِر (يعني مڪمل نقصان ڪار) (2) خالِص مفيد (3) مُضر (يعني نقصان ڪار) بہ مُفيد بہ (4) نہ مُضر نہ مُفيد. خالص مضر (يعني مڪمل نقصان ڪار) کان هميشہ بچڻ ضروري آهي، خالص مُفيد ڪلام (ڳالھ ٻولھ) ضرور ڪريو، جيڪو ڳالهائڻ مُضر بہ هجي ۽ مُفيد بہ ان ڳالهائڻ کان احتياط ڪري بهتر آهي تہ نہ ڳالهائي ۽ چوٿين قسم جي ڳالهائڻ ۾ وقت ضايع ڪرڻ آهي. انهن ڳالهائڻ جي چئن قسمن ۾ امتياز (يعني فرق) ڪرڻ مشڪل آهي لهٰذا خاموشي بهتر آهي[3] (11) ڪنهن سان جڏهن ڳالھ ٻولھ ڪئي وڃي تہ ان جو ڪو صحيح مقصد بہ هئڻ گهرجي ۽ هميشہ مخاطب جي مزاج ۽ ان جي نفسيات جي مطابق ڳالهايو وڃي (12) بدزباني ۽ بيحيائي جي ڳالهين کان هر وقت بچڻ گهرجي، گارگند کان بچندا رهو ۽ ياد رکو تہ مسلمان کي بنا اجازتِ شرعي گار ڏيڻ حرامِ قطعي آهي[4] ۽ بيحيائي جي ڳالھ ڪرڻ واري تي جنّت حرام آهي. حضور تاجدارِ مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو:

---

1... ابن ماجه،4/422، حديث:4101

2... ترمذي،4/225، حديث:2509

3... مراٰة المناجيح،6/464 ملخصا

4... فتاوٰى رضويه،21/127ملخصا

”ان شخص تي جنّت حرام آهي جيڪو فحش ڳالهائڻ سان ڪم وٺندو آهي.“[1] فحش ڳالهه جي معنيٰ هي آهي: اَلتَّعْبِيْرُعَنِ الْاُمُوْرِ الْمُسْتَقْبَحَةِ بِالْعِبَارَاتِ الصَّرِيْحَةِ يعني شرمناڪ ڪم (مثال طور خراب ۽ بُرن معاملن جو ڪليل لفظن ۾ تذڪرو ڪرڻ.[2]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ”اَلْحمد للّٰه ربّ العٰلمين“ جي سترهن اکرن جي نسبت سان ڇِڪ (ڇِڪَ) جي متعلق 17 سنّتون ۽ آداب

ٻه فرامينِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: (1) الله پاڪ کي ڇِڪ پسند آهي ۽ اوباسي ناپسند[3] (2) جڏهن ڪنهن کي ڇِڪ اچي ۽ هو اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ چئي ته فرشتا چوندا آهن: رَبِّ الْعٰلَمِيْن ۽ جيڪڏهن هو رَبِّ الْعٰلَمِيْن چوندو آهي ته فرشتا چوندا آهن: يَرْحَمُكَ الله يعني الله پاڪ توتي رحم فرمائي[4] (3) ڇِڪ اچڻ وقت مٿو جهڪايو، وات ڍڪيو ۽ آواز هوريان ڪيو، ڇِڪ جو آواز بلند ڪرڻ حماقت آهي[5] (4) ڇِڪَ اچڻ تي اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ چوڻ گهرجي (خزائن العرفان صفحو 3 تي طحطاوي جي حوالي سان ڇِڪ اچڻ تي حمدِ الٰهي کي سنّتِ مؤڪده لکيو آهي)[6] بهتر هي آهي ته اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْن يا اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ عَلٰى كُلِّ حَالٍ. چئي (5) ٻڌڻ واري تي واجب آهي ته فوراً يَرْحَمُكَ الله. (يعني الله پاڪ توتي رحم فرمائي) چئي. ۽ ايتري آواز سان چئي

1...كتاب الصمت مع موسوعة الامام ابن ابى الدنيا 204/7،رقم: 325
2...احياءالعلوم،151/3
3...بخارى، 163/4حديث:6226
4...معجم كبير،358/11،حديث:12284
5...ردالمحتار،684/9
6...حاشية الطحطاوى على المراقى، ص7

جو نڇ ڏيڻ وارو پاڻ ٻڌي ونئي.[1] (6) جواب ٻڌي ڪري نڇ ڏيڻ وارو چئي: "يَغۡفِرُاللهُ لَنَاوَلَكُمۡ." (يعني الله پاڪ اسان جي ۽ توهان جي مغفرت فرمائي) يا هي چئي: ''يَهۡدِيۡكُمُ اللهُ وَيُصۡلِحُ بَالَكُمۡ." (يعني الله پاڪ توکي هدايت ڏي ۽ تنهنجو حال درست ڪري)[2] (7) جيڪو نڇ اچڻ تي اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ عَلٰى كُلِّ حَالٍ. چئي ۽ پنهنجي زبان سيني ڏندن تي ڦيريندو ڪري تہ ان شاء اللّٰہُ الڪريم ڏندن جي بيماري کان محفوظ رهندو[3] (8) حضرت مولاءِ ڪائنات، عليُّ الۡمُرۡتَضٰي رَضِیَ اللهُ عَنۡهُ فرمائن ٿا: جيڪو نڇ اچڻ تي اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ عَلٰى كُلِّ حَالٍ چئي تہ اهو ڏاڙ ۽ ڪن جي سورَ ۾ ڪڏهن بہ مبتلا نہ ٿيندو[4] (9)نڇ ڏيڻ واري کي گهرجي تہ زورَ سان حمد چئي تہ جيئن ڪو ٻڌي تہ ان جو جواب ڏي[5] (10) نڇ جو جواب هڪ ڀيري واجب آهي، ٻيو ڀيرو نڇ اچي ۽ اهو اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ چئي تہ ٻيو ڀيرو جواب واجب ناهي بلڪ مستحب آهي[6] (11) جواب هن صورت ۾ واجب ٿيندو جڏهن نڇ ڏيڻ وارو اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ چئي حمد نہ ڪري تہ جواب ناهي[7] (12) خطبي جي وقت ڪنهن کي نڇ آئي تہ ٻڌڻ وارو ان ان جو جواب نہ ڏي[8] (13) ڪيئي اسلامي ڀائر موجود هجن تہ ڪجهہ وينلن جواب ڏئي ڇڏيو تہ سيني جي طرفان واجب ادا ٿي ويو پر

---

1...بہارِشریعت،3/476، 477ملخصا
2... عالمگیری،5/326
3... مرأة المناجيح،6/396
4... مرقاة المفاتيح ،8/499 تحت الحديث:4739
5... ر د المحتار،9/684
6... عالَمگیری،5/326، بہارشریعت:3/476
7... بہارشریعت،3/477
8... فتاوی قاضی خان،2/377

بهتر هي آهي تہ سڀ جواب ڏين[1] (14) يت جي پويان کنهن کي نچ آئي ۽ ان اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ چيو تہ ٻڌڻ وارو ان جو جواب ڏي[2] (15) نماز ۾ نچ اچي تہ سکوت کري (يعني خاموش رهي) ۽ اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ چئي ڇڏيائين تڏهن بہ نماز ۾ حرج ناهي ۽ جيڪڏهن ان وقت حمد نہ ڪيائين تہ فارغ ٿي ڪري چئي[3] (16) توهان نماز پڙهي رهيا آهيو ۽ ڪنهن کي کي نچ آئي ۽ توهان جواب جي نيّت سان اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ چيو تہ توهان جي نماز ٽُٽي پئي.[4] (17) ڪافر کي نچ آئي ۽ ان اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ چيو تہ جواب ۾ يَهۡدِيۡكُمُ الله (يعني الله پاڪ توکي هدايت ڏي) چيو وڃي.[5]

## ”ڪاش ! جنّتُ الْبقيع ملي“ جي 15 اکرن جي نسبت سان سمهڻ ۽ جاڳڻ جون 15 سنّتون ۽ آداب

(1) سمهڻ کان پهريان بستري کي چڱي طرح ڇنڊيو تہ جيئن کو موذي ڪيڙو وغيره هجي تہ نکري وڃي (2) سمهڻ کان پهريان هيءَ دعا پڙهي وٺو: اَللّٰهُمَّ بِاسۡمِكَ اَمُوۡتُ وَاَحۡيَا. ترجمو: اي الله پاڪ! مان تنهنجي نالي سان ئي مرندو آهيان ۽ جيئندو آهيان (يعني سمهندو ۽ جاڳندو آهيان)[6] (3) عصر کان بعد نہ سمهو عقل هليو وڃڻ جو خوف آهي، فرمانِ مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: جيڪو شخص عصر کان بعد سمهي ۽

---

1...رد المحتار،684/9
2...رد المحتار،684/9
3...عالمگيری،98/1
4...عالمگيری،98/1
5...رد المحتار،684/9
6...بخاری، 196/4،حديث:6325

ان جو عقل هليو وڃي ته اهو پاڻ کي ئي ملامت ڪري،[1] (4) منجهند جو قَيلولو (يعني ٿوري دير ليٽڻ) مستحب آهي[2] (5) ڏينهن جي ابتدائي حصي ۾ سمهڻ يا مغرب ۽ عشاء جي درميان سمهڻ مڪروه آهي.[3] (6) سمهڻ ۾ مستحب هي آهي ته باطهارت سمهي ۽ (7) ٿوري دير ساڄي پاسي ساڄي هٿ کي رُخسار (يعني ڳَل) جي هيٺيان رکي ڪري قبلي ڏانهن سمهي پوءِ ان کان بعد کاٻي پاسي تي[4] (8) سمهڻ وقت قبر ۾ سمهڻ کي ياد ڪري ته اتي اڪيلو سمهڻو پوندو سواءِ پنهنجي اعمال جي ڪو گڏ نه هوندو(9) سمهڻ وقت يادِ خدا ۾ مشغول هجي تهليل ۽ تسبيح ۽ تحميد پڙهي (يعني لَآ اِلٰهَ اِلاَّ اللّٰهُ. سُبۡحٰنَ اللّٰهِ. ۽ اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ جو ورد ڪندو رهي) ايستائين جو سمهي رهي، جنهن حالت تي انسان هوندو آهي انهي تي اٿندو آهي ۽ جنهن حالت تي مرندو آهي قيامت جي ڏينهن انهي تي اٿندو[5] (10) جاڳڻ کان بعد هي دعا پڙهو: ”اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ الَّذِیۡ اَحۡیَانَا بَعۡدَمَاۤ اَمَاتَنَا،وَ اِلَیۡهِ النُّشُوۡرُ“ [6] ترجمو: تمام تعريفون الله پاڪ جي لاءِ آهن جنهن اسان کي مارڻ کان بعد زنده ڪيو ۽ انهيءَ ڏي موٽي وڃڻو آهي (11) انهيءَ وقت ان جو پڪو ارادو هجي ته پرهيزگاري ۽ تقوٰي اختيار ڪندو ڪنهن کي ستائيندو

---

1... مسند ابو یعلی،4/278،حدیث:4897
2... عالمگیری،5/376،بہارشریعت،3/435
3... عالمگیری،5/376
4... عالمگیری،5/376
5... عالمگیری،5/376
6... بخاری،4/196،حدیث:6325

نہ[1] (12) جڏهن ڇوڪري ۽ ڇوڪريءَ جي عمر ڏهہ سالن جي ٿي وڃي تہ انهن کي الڳ ڪري سمهارڻ گهرجي بلڪ ان عمر جو ڇوڪرو ايتري وڏي (يعني پنهنجي عمر جي) ڇوڪرن يا (پاڻ کان وڏن) مردن سان گڏ بہ نہ سمهي[2] (13) زال مڙس جڏهن هڪ کٽ تي سمهن تہ ڏهن سالن جي ٻارَ کي پاڻ سان گڏ نہ سمهارين، ڇوڪرو جڏهن شهوت جي حد تائين پهچي وڃي تہ اهو مرد جي حڪم ۾ آهي.[3] (14) ننڊ مان اٿي ڪري ڏندڻ ڪريو (15) رات جو ننڊ مان اٿي ڪري تهجد ادا ڪريو تہ وڏي سعادت آهي فرمانِ مصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: فرضن کان بعد افضل نماز رات جي نماز آهي.“[4]

## ”يارب المصطفٰي مڪي مديني جي زيارت نصيب فرماءِ“ جي پنجٽيهہ اکرن جي نسبت سان سفر جو 35 سنّتون ۽ آداب

(1) شرعي مسافر اهو شخص آهي جيڪو ٽن ڏينهن جي فاصلي تائين وڃڻ جي ارادي سان پنهنجي رهائش مثال طور شهر يا ڳوٺ کان ٻاهر ٿي ويو. خشڪي ۾ سفر تي ٽن ڏينهن جي مسافت مان مراد ساڍا 57 ميل (يعني تقريباً 92 ڪلو ميٽر) جو فاصلو آهي[5] (2) شرعي سفر ڪرڻ واري جي لاءِ ضروري آهي تہ هو سفر ۾ پيش

1...عالمگيري،375/5
2...درمختار ر د المحتار،629/9
3... درمختار،630/9
4... مسلم، ص591، حديث:1163
5... فتاوٰی رضويہ، 243،270/8

اچڻ وارا مسئلا سکي چڪو هجي. (مکتبۃُ المدينہ جو رسالو ”مسافر جي نماز“ جو مطالعو مفيد آهي) (3) ”بخاري شريف“ ۾ آهي: ”رسولِ ڪريم صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ غزوهءِ تبوڪ جي لاءِ خميس جي ڏينهن روانا ٿيا ۽ پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ خميس جي ڏينهن روانو ٿيڻ پسند فرمائيندا هئا“ [1] (4) جڏهن سفر ڪرڻو هجي تہ بهتر هي آهي تہ سومر، خميس يا ڇنڇر تي ڪري [2] (5) سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن حضرت جُبَير بن مُطْعم رَضِیَ اللّٰہ عَنْہُ کي سفر ۾ پنهنجي ساٿين کان وڌيڪ خوشحال رهڻ جي لاءِ هي ورد پڙهڻ جي تلقين فرمائي: (1) سُوْرَۃُ الْکٰفِرُوْن (2) سُوْرَۃُ النَّصر (3) سُوْرَۃُ الْاِخْلَاص (4) سُوْرَۃُ الْفَلَق (5) سُوْرَۃُ النَّاس. هر سورت هڪ هڪ ڀيرو ۽ هر هڪ جي شروع ۾ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم ۽ سڀ کان آخر ۾ بہ بِسْمِ اللّٰهِ پڙهي وٺي، (هن طرح سورتون پنج ٿينديون ۽ بِسْمِ اللّٰه شريف ڇهہ ڀيرا) حضرت جُبَير بن مطعم رَضِیَ اللّٰہ عَنْہُ فرمائن ٿا: مان هونئن تہ مالدار هئس پر جڏهن سفر ڪندو هئس تہ ساٿين کان خوشحالي ۾ گهٽ ٿي ويندو هئس، بيان ڪيل سورتون هميشہ پڙهڻ شروع ڪيون انهن جي برڪت سان موٽڻ تائين خوشحال ۽ دولت مند رهندو هئس [3] (6) (سفر ۾) وڃڻ وقت عزيزن دوستن سان ملي ۽ پنهنجون غلطيون معاف ڪرائي ۽ هاڻي انهن تي لازم آهي تہ دل سان معاف ڪري ڇڏين [4] (7) سفر جو لباس پهري ڪري گهر ۾ چار رکعتون نفل اَلْحَمْدُ ۽ قُلْ (هُوَ اللّٰہ جي پوري سورة) سان پڙهي ڪري

1...بخاری،296/2،حدیث:2950
2...فتاوٰی رضویہ ملخصا،400/23
3...ابو یعلی، 265/6، حدیث:7382 ملخصا
4...بہار شریعت،1052/1

باهر نڪري[1] (8) ٻہ رڪعتون ٻہ پڙهي سگهجن ٿيون، حديث پاڪ ۾ آهي: "ڪنهن پنهنجي ٻارن ٻچن وٽ انهن ٻن رڪعتن کان بهتر نہ ڇڏيو، جيڪي سفر جي ارادي جي وقت انهن وٽ پڙهيون"[2] (9) سفر ۾ ٽي يا ان کان وڌيڪ اسلامي ڀائر هجن تہ هڪ کي "امير" بڻايو چوتہ سنّت آهي. جيئن تہ حديث پاڪ ۾ آهي: "جڏهن سفر ۾ ٽي شخص هجن تہ هڪ کي پنهنجو امير بڻايو"[3] (10) هن (يعني امير بڻائڻ) ۾ ڪمن جو اهتمام رهندو آهي، سردار (يعني امير) ان کي بڻايو جيڪو خوش خُلق (يعني چڱي اخلاق وارو) عاقل (يعني عقلمند) ديندار هجي، سردار (يعني امير) کي گهرجي رفيقن (يعني ساٿين) جي آرام کي پنهنجي آسائش (يعني آرام) تي مقدّم ڪري (يعني پنهنجي آرام جي بدران ساٿين جي آرام کي وڌيڪ اهميت ڏي)[4] (11) آئينو، سرمو. ڦڻي، ڏندڻ گڏ رکي چوتہ (هي) سنّت آهي[5] (12) اعلٰي حضرت جا والد، مولانا مفتي نقي علي خان رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه لکن ٿا: اهي جناب (يعني نبي ڪريم صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ) سفر ۾ (1) ڏندڻ ۽ (2) سرميداڻي ۽ (3) آئينو ۽ (4) شانو (يعني ڦڻي) ۽ (5) قينچي ۽ (6) سُئي (7) ڌاڳو پاڻ سان گڏ رکندا هئا.[6] هڪ ٻئي روايت ۾ آهي (8) "تيل"جا لفظ (بہ) نقل ٿيا آهن[7] (13) ذِڪۡرُ الله سان دل وندرايو جو

---

1... بهار شريعت،1/1052
2... مصنّف ابن ابی شيبة، 1/529
3... ابو داؤد،3/51، حديث:2609
4... بهار شريعت،1/1052، 1051
5... بهار شريعت،1/1052، 1051
6... انوار جمال مصطفی، ص160
7... سبل الهدی،7/347

جو فرشتو گڏ رهندو، نہ (بُرن) شعرن ۽ لَغويات (يعني بيهوده ڳالهين) سان جو شيطان گڏ هوندو[1] (14) جيڪڏهن دشمن يا ڏاڍيل جو خوف هجي تہ سورة ”لِاِيْلٰفِ“ (سجي سورة) پڙهي ونو اِن شاء اللّٰهُ الڪَرِيم هر مصيبت کان اَمان ملندو. هي عمل مُجرّب آهي[2] (15) سفر هجي يا حَضَر (يعني قيام) ڪڏهن بہ غم يا پريشاني پيش اچي لَاحَوْلَ وَلَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللّٰهِ ۽ حَسْبُنَا اللّٰهُ وَ نِعْمَ الْوَكِيْل. ڪثرت سان پڙهو. اِنْ شاء اللّٰهُ الڪريم مشڪل آسان ٿي ويندي (16) سفر جي دوران بلنديءَ تي چڙهندي ”اللّٰه اڪبر“ ۽ مٿان ڪان هيٺ لهندي سُبْحٰنَ اللّٰه جو ورد ڪريو (17) جيڪڏهن ڪو شخص سفر تي وڃي رهيو هجي تہ ان (مسافر) سان مصافحو ڪري يعني هٿ ملائي ۽ ان جي لاءِ هيءَ دعا گهري: اَسْتَوْدِعُ اللّٰهَ دِيْنَكَ، وَاَمَانَتَكَ، وَخَوَاتِيْمَ عَمِلِكَ.[3] (مان تنهنجي دين، تنهنجي امانت ۽ تنهنجي عمل جي خاتمي کي اللّٰه جي حوالي ڪريان ٿو.) (18) مُقيم (يعني جيڪومسافر نہ هجي ان) جي لاءِ مسافر هيءَ دعا پڙهي اَسْتَوْدِعُكَ اللّٰهَ الَّذِیْ لَایُضِیْعُ وَدَائِعَهٗ (ترجمو: مان توکي اللّٰه پاڪ جي حوالي ڪريان ٿو جيڪو ڏنل امانتن کي ضايع ناهي فرمائيندو)[4]. (19) منزل تي (يعني رستي ۾ جتي بہ بہ بيهڻو پئجي اتي) لهڻ وقت هي پڙهو: اَعُوْذُ بِكَلِمَاتِ اللّٰهِ التَّامَّاتِ، مِنْ شَرِّ مَا خَلَقَ (ترجمو: مان اللّٰه پاڪ جي ڪامل ڪلمن (يعني جنهن ۾ ڪو نقص يا عيب نہ هجي) جي واسطي سان سجي مخلوق جي شرَ کان پناهہ گهران ٿو.)[5] اِن شاء

---

1... فتاوٰی رضویہ، 729/10
2... الحصن الحصين ص، 80،79
3... الحصن الحصين، ص، 80، 79
4... الحصن الحصين، ص، 80، 79
5... ا لتيسير، 228/1

اللهُ الڪريم هر نقصان کان بچندو (20) مسافر جي دعا قبول ٿيندي آهي، لهٰذا پنهنجي لاءِ، پنهنجي والدين، ٻارن ٻچن ۽ عام مسلمانن جي لاءِ دعائون ڪريو (21) سفر ۾ ڪو شخص بيمار ٿي ويو يا بيهوش ٿي ويو ته ان سان گڏ رهڻ وارا ان بيمارَ جي ضرورتن ۾ ان جو مال بنا اجازت جي خرچ ڪري سگهن ٿا[1] (22) مسافر تي واجب آهي ته نماز ۾ قصر ڪري يعني چار رڪعتن واري فرض کي ٻه پڙهي هن جي حق ۾ ٻه رڪعتون ئي پوري نماز آهي[2] (23) مغرب ۽ وتر ۾ قَصر ناهي (24) سنّتن ۾ قَصّر ناهي بلڪ پوريون پڙهيون وينديون، خوف ۽ گهٻراهٽ جي حالت ۾ سنّتون معاف آهن ۽ امن جي حالت ۾ پڙهيون وينديون[3] (25) ڪوشش ڪري هوائي جهاز يا ريل گاڏي يا بس وغيره ۾ اهڙي وقت سفر ڪريو ته جيئن وچ ۾ ڪا نماز نه اچي (26) سفر توڙي سمهڻ جي وقتن ۾ به هرگز اهڙي غفلت نه هجي جو معاذ الله نماز قضا ٿي وڃي (27) سفر جي دوران به نماز ۾ هرگز سُستي نه ٿئي، خصوصاً هوائي جهاز، ريل گاڏي ۽ ڊگهي روٽ واري بس ۾ نماز جي لاءِ پهريان کان ئي وضو ڪري ڇڏيو (28) رستي ۾ بس خراب ٿي وڃي ته ڊرائيور يا بس جي مالڪن وغيره کي غلط ڳالهائڻ يا بَڪ بَڪ ڪري پنهنجي آخرت خراب ڪرڻ بدران صبر سان ڪم وٺو ۽ جنّت جي طلب ۾ ذِڪر ۽ دُرود ۾ مشغول ٿي وڃو. ايئن ئي ٽرين يا فلائٽ ليٽ هئڻ جي صورت ۾ ڪريو (29) ريل، بس وغيره ۾ ٻين مسافرن جي ٻاڙي جي حق جو

---

1... ر د المحتار،334،335/9 ، بهار شريعت،222/3

2... بهارِ شريعت ،743/1 ، عالمگيری،139/1

3... عالمگيری،139/1

خيال رکندي انهن سان گهڻو حسنِ سلوڪ ڪريو، بيشڪ پاڻ تڪليف برداشت ڪريو پر انهن کي راحت پهچايو (30) بس وغيره ۾ رڙيون ڪري ڳالهائڻ ۽ ٺهڪ ڏئي ڪري ٻين مسافرن کي پنهنجو پاڻ کان بدظن نه ڪريو (31) رش جي موقعي تي ڪنهن ضعيف ۽ بيمار مسلمان کي ڏسو ته ثواب جي نيّت سان ان کي بس وغيره ۾ اِصرار ڪندي پنهنجي ويهڪ (Seat) پيش ڪريو (32) ممڪن حد تائين فلمن ۽ گانن باجن کان پاڪ بس ۽ وين وغيره ۾ سفر ڪريو (33) سفر کان واپسيءَ تي گهر وارن جي لاءِ ڪو تحفو وٺي ايندا ڪريو جو فرمان مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ آهي: ”جڏهن سفر کان ڪير واپس اچي ته گهر وارن جي لاءِ ڪجهه نه ڪجهه هَدِيّه (يعني تحفو) آڻي، توڙي جو پنهنجي جهوليءَ ۾ پٿر ئي وجهي اچي“[1] (34) شرعي سفر کان واپسي ۾ مڪروه وقت نه هجي ته سڀ کان پهريان پنهنجي مسجد ۾ ۽ جڏهن گهر پهچي ته گهر ۾ ٻه ٻه رڪعتون نفل پڑهو (35) مسافر جي دعا قبول ٿيندي آهي.[2]

## ”مسواڪ سرڪارِ مدينہ جي سنّت آهي“ جي ٻاويهن اکرن جي نسبت سان مسواڪ (ڏندڻ) جون 22 سنّتون ۽ آداب

ٻه فرامينِ مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: (1) ٻه رڪعتون ڏندڻ ڏئي ڪري پڑهڻ بنا مسواڪ جي 70 رڪعتن کان افضل آهي[3] (2) ڏندڻ جو

1…ابن عساڪر،230/52
2…ترمذي،280/5، حديث:3459
3…الترغيب والترهيب ،102/1، حديث: 18

استعمال پنهنجي لاءِ لازم ڪريو چوته هن ۾ وات جي صفائي ۽ ربّ جي رضا جو سبب آهي[1] (3) حضور نبي پاڪ صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ هر رات ڪوڙ ڀيرا ڏندڻ ڪندا هئا، هر ڀيري سمهڻ وقت به ۽ جاڳڻ وقت به[2] (4) بنا سٺي نيّتن جي ڏندڻ جا طبي فائده حاصل ته ٿيندا پر ثواب نه ملندو. مثال طور وُضو جي لاءِ ڏندڻ ڪرڻو هجي ته هيئن ٿي نيّتون ڪري ونو: رضاءِ الاهي، سنّت جي ادائيگي ۽ ذڪر ۽ درود جي لاءِ پنهنجي وات کي صاف رکڻ جي لاءِ ڏندڻ ڪندس(5) مشائخِ ڪرام فرمائن ٿا: جيڪو شخص ڏندڻ جو عادي هجي مرڻ وقت ان کي ڪلمو پڙهڻ نصيب ٿيندو ۽ جيڪو اَفيون کائيندو هجي مرڻ وقت ان کي ڪلمو نصيب نه ٿيندو[3] (6) حضرت عبد الله ابن عباس رَضِیَ اللّٰہ عَنْہُما کان روايت آهي ته ڏندڻ ۾ ڏهه (10) خوبيون آهن: وات صاف ڪندو آهي، مهارن کي مضبوط بڻائيندو آهي، نظر وڌائيندو، بلغم (ڪف-PHLEGM) ختم ڪندو آهي، وات جي ڌپ ختم ڪندو آهي، سنت جي موافق آهي، فرشتا خوش ٿيندا آهن، ربّ راضي ٿيندو آهي، نيڪي وڌائيندو ۽ معدو درست ڪندو آهي.[4] (7) حڪايت: حضرت ابوبڪر شبلي بغدادي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه کي هڪ ڀيري وُضو جي وقت ڏندڻ جي ضرورت پيش آئي، ڳوليائون پر نه مليو، لهٰذا هڪ دينار (يعني سون جو سڪي) ۾ ڏندڻ خريد ڪري استعمال فرمايائون. ڪجهه ماڻهن چيو: هي ته توهان تمام گهڻو خرچ ڪري

---

1...مسند امام احمد، 438/2، حديث:8569
2...احياء العلوم،1019/1
3...بهار شريعت،288/1
4...جمع الجوامع ،249/5،حديث: 14867

چڏيو! ايترو مهانگو ڏندڻ به ورتو ويندو آهي ڇا؟ فرمايائون: بيشڪ هي دنيا ۽ ان جو تمام شيون الله پاڪ جي ويجهو مڇر جي پرَ برابر به حيثيت ناهن رکنديون، جيڪڏهن قيامت جي ڏينهن الله پاڪ مون کان هي پڇي ورتو ته ڇا جواب ڏيندس ته ”تو منهنجي پياري حبيب جي سنّت (ڏندڻ) ڇو ڇڏيو؟ جيڪو مال ۽ دولت مون توکي ڏنو هو ان جي حقيقت ته (منهنجي ويجهو) مڇر جي پر برابر به نه هئي، ته آخر اهڙي حقير دولت هن عظيم سنّت (ڏندڻ) کي حاصل ڪرڻ ۾ ڇو خرچ نه ڪئي؟“[1] (8) سيّدنا امام شافِعي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: چار شيون عقل وڌائينديون آهن: فضول ڳالهين کان بچڻ، ڏندڻ جو استعمال ڪرڻ، نيڪ ٻانهن جي صحبت ۽ پنهنجي علم تي عمل ڪرڻ[2] (9) ڏندڻ ڪبڙ يا زيتون يا نم وغيره ڪڙيءَ ڪاٺيءَ جو هجي (10) ڏندڻ جي ٿولهه ننڍي آڱر جي برابر هجي (11) ڏندڻ هڪ گراٺ کا وڌيڪ ڊگهو نه هجي نه ته ان تي شيطان ويهندو آهي (12) ان جا ريشا نرم هجن جو سخت ريشا ڏندن ۽ مهارن جي وچ ۾ خَلا (GAP) جو سبب بڻجندا آهن (13) ڏندڻ تازو هجي ته بهتر آهي نه ته ڪجهه دير پاڻيءَ جي گلاس ۾ پجائي ڪري نرم ڪري وٺو (14) مناسب آهي ته ان جا ريشا روزانو ڪٽيندا رهو (15) ڏندن جي ويڪر ۾ ڏندڻ ڪريو (16) جڏهن به ڏندڻ ڪرڻو هجي گهٽ ۾ گهٽ ٽي ڀيرا ڪريو (17) هر ڀيري ڌوئيندا ڪريو (18) ڏندڻ ساڄي هٿ ۾ هن طرح پڪڙيو جو ننڍي آڱر ان جي هيٺيان ۽ وچ واريون ٽي

---

1... لوا قح الانوار ملخصا،ص38

2... حياة الحيوان،2/166

آڱريون متي ۽ آڱوٺو چوٽيءَ تي هجي (19) پهريان ساڄي پاسي جي متين ڏندن تي پوءِ کاٻي پاسي جي متين ڏندن تي پوءِ ساڄي پاسي هينيان پوءِ کاٻي پاسي هينيان ڏندڻ ڪريو (20) مٺ بند ڪري ڏندڻ ڪرڻ سان بواسير ٿيڻ جو انديشو آهي (21) ڏندڻ وُضوءَ ۾ شامل ناهي هي وضو جي سنّتِ قبليه (يعني وُضوءَ کان پهريان جي سنّت) آهي البت سنّتِ مؤڪّده ان وقت آهي جڏهن وات ۾ ڌپ هجي[1] (22) ڏندڻ جڏهن استعمال جي قابل نہ رهي تہ اڇلايو نہ جو هيءَ سنّت ادا ڪرڻ جو آلو آهي، ڪنهن جڳهه تي احتياط سان رکي ڇڏيو يا دفن ڪري ڇڏيو يا پٿر وغيره وزن ٻڌي ڪري سمنڊ ۾ ٻوڙي ڇڏيو.

1... فتاوی رضویہ ما خوذ ا، 623/1

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

## نيڪ نمازي بڻجڻ جي لاءِ

هر جمعرات نماز مغرب کان بعد اوهان جي علائقي ۾ ٿيندڙ دعوت اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي لاءِ سُٺين سُٺين نيتن سان سڄي رات شرڪت فرمايو.
* سنتن جي تربيت جي لاءِ مدني قافلي ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ هر مهيني ٽي ڏينهن سفر ۽ * روزانو ”فڪرِ مدينہ“ جي ذريعي مدني انعامات جو رسالو ڀري ڪري هر مدني مهيني جي پهرين تاريخ ۾ پنهنجي ذميدار ڪي جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو.

**منهنجو مدني مقصد:** ”مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي“ اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پنهنجي اصلاح جي لاءِ ”مدني انعامات“ تي عمل ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش جي لاءِ ”مدني قافلن“ ۾ سفر ڪرڻو آهي. اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ







عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي

UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 7213

Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net